هفتيوار رسالو

امير اهلِ سنت جو تقريباً 20 سال اڳ جو بيان

# وڏي عمر ماڻڻ جو نسخو





شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: وڏي عمر ماڻهن جو نسخو
ڇاپو پهريون:
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# وڏي عمر ماڻ جو نسخو [1]

**دعاءِ عطار:**

اي الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”وڏي عمر ماڻ جو نسخو“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي ايمان ۽ عافيت واري ۽ نيڪين سان ڀرپور وڏي زندگي عطا فرمائي کيس ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي پياري پياري ۽ سيني کان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: مون تي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهو، بيشڪ اوهان جو مون تي دُرودِ پاڪ پڙهڻ اوهان جي گناهن لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير، ص87، حديث:1406)

دُکھوں نے تم کو جو گھیرا ہے تو دُرود پڑھو
جو حاضری کی تمنا ہے تو دُرود پڑھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] 19 ربيعُ الاول 1426 هجري، 28 اپريل 2005 تي عالَمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي ۾ ٿيڻ وارو اميرِ اهل سنّت دامت بَرَڪاتُهمُ العاليہ جو بيان.

# وڏي عمر ماڻڻ جو نسخو

حضرتِ سَيِّدُنا داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي خدمت ۾ هڪ خوبصورت گهوٽ زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو، مَلڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام جيڪو اتي موجود هو، پڇيائون: هي جوان ڪير آهي؟ فرمايائون: اج ئي سندس شادي ٿي آهي، جيئن تہ هي مون سان بيحد محبت رکي ٿو، تنهنڪري مون سان ملاقات ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي ڪنوار ڏانهن وڃڻ ڪيس گوارا نہ ٿيو، ان ڪري ئي هي (مون سان) ملڻ آيو آهي. ملڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام چيو: اي داؤد! هن گهوٽ جي عمر صرف ڇهہ ڏينهن ئي باقي رهجي وئي آهي! هي ٻڌي حضرتِ سَيِّدُنا داؤد عَلَيْهِ السَّلَام رنجيده ٿي ويا. هن واقعي کي ست مهينا گذري ويا پر اهو نوجوان فوت نہ ٿيو، ان ئي دوران ملڪُ الموت عليه السّلام اچي پهتو تہ حضرتِ سَيِّدُنا داؤد عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اي ملڪُ الموت! اهو نوجوان اجا تائين زنده آهي! ملڪُ الموت عليه السّلام جواب ۾ چيو: جڏهن مون ڇهہ ڏينهن ڪان پوءِ ان جو روح قبض ڪرڻ چاهيو تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: اي ملڪ الموت! منهنجي ٻانهي کي ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن هي حضرت داؤد (عليه السلام) وٽان ٿي ٻاهر نڪتو ۽ هن هڪ لاچار فقير کي ڏٺو تہ ان کي پنهنجي زڪوات ڏئي ڇڏيائين، ان محتاج خوش ٿي ڪيس خير سان گڏ وڏي ڄمار ۽ جنت ۾ حضرت داؤد (عليه السلام) جو پاڙيسري ٿيڻ جي دعا ڏني، تهنڪري تون 70 سال مدت پوري ٿيڻ ڪان پهريان ان جو روح قبض نہ ڪجانءِ. (قرة العيون مع الروض الفائق، ص398) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي

۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ رسول! هن رحمت ڀري واقعي مان اسان کي بيشمار مدني گل چونڊڻ لاءِ مليا مثال طور ◈بزرگن جي زيارت تمام وڏي سعادت جي ڳالهه آهي◈ اڳي ماڻهو بزرگن جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا جيئن اهو ڳهوٽ حضرتِ داؤد عليه السّلام جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو◈صدقو ۽ خيرات ڪرڻ سان عمر وڌندي آهي◈جنهن کي خيرات ڏني وڃي، جيڪڏهن اهو خوش دليءَ سان دعا ڪري ته ان جي دعا قبول ٿيندي آهي◈ٻئي جي زبان مان نڪتل دعا اسان جي حق ۾ قبول ٿيندي آهي. ان حوالي سان اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ جي والدِ گرامي جي ڪتاب ”اَحۡسَنُ الۡوِعَاء لِاٰدَابِ الدُّعَاء“ ۾ آهي: ان زبان سان دعا ڪر جنهن سان تو گناهه ناهي ڪيو يعني ٻئي کان دعا ڪرايو ته قبول ٿيندي آهي. (فضائل دعا، ص111ملخصاً) ◈ اهو به معلوم ٿيو ته جيڪو اڪيلائي ۾ دعا ڪري ان جي دعا قبول ٿيندي آهي، جيئن ته ”اَحۡسَنُ الۡوِعَاء لِاٰدَابِ الدُّعَاء“ ۾ آهي: ٻيو جيڪڏهن چُپ چاپ (يعني پر پٺ) دعا ڪري ته اها به قبول ٿيندي آهي. (فضائل دعا،ص220 ملتقطاً)

اسان وٽ ٻين کان دعا ڪرائڻ جو انداز ڪجهه ايئن آهي ته جيستائين نالو ڪٽي سيني جي سامهون دعا نه ڪئي وڃي، دعا

ڪرائيندڙ مطمئن ناھي ٿيندو، بلڪ بعض اوقات ناراض ٿي ويندو آھي جيئن ھڪ پيرو ھڪ اسلامي ڀاءُ نالو ڪٺي دعا نہ ڪرڻ جي ڪري مون (يعني اميرِ اھلسنت) کان ايترو ناراض ٿيو جو دعوتِ اسلامي جو سنتن ڀريو ديني ماحول ڇڏي ويو. ٿيو ائين جو ھن پنھنجي بيمار نياڻيءَ جي لاءِ دعا ڪرائڻ جي ارادي سان مون کي پرچي ڏني ھئي پر مون ان نياڻيءَ جي شفا جي لاءِ سيني جي سامھون دعا نہ ڪئي. جڏھن مان ان اسلامي ڀاءُ کي پرچائڻ لاءِ سندس گھر ويس تہ ھن چيو: منھنجي نياڻي تمام گھڻي بيمار ھئي ۽ مون اوھان کي دعا جي لاءِ پرچي ڏني ھئي پر اوھان دعا نہ ڪئي تہ منھنجي دل ٽٽي پئي. مون ان کان پڇيو: ڇا اسپيڪر تي سيني جي سامھون نالو ڪٺي دعا ڪرڻ ضروري آھي؟ ڇا ائين نٿي ٿي سگھيو تہ مون پرچي پڙھي اوھان جي نياڻي جي لاءِ چُپ چاپ دعا ڪري ڇڏي ھجي جيئن منھنجي عادت آھي تہ جڏھن ڪو شخص مون کي دعا جي لاءِ پرچي ڏيندو آھي يا زباني طور چوندو آھي تہ مان چُپ چاپ دعا ڪري ڇڏيندو آھيان ڇو تہ مسلمان جي لاءِ ان جي غير موجودگي ۾ جيڪا دعا گھري ويندي آھي اھا جلد قبول ٿيندي آھي، تنھنڪري جيڪڏھن اوھان ڪڏھن ڪنھن کي دعا جي لاءِ پرچي ڏيو يا زباني طور دعا لاءِ چئو ۽ ھو اوھان جي سامھون دعا نہ ڪري تہ ان جي باري ۾ اھڙي سچ نہ رکو تہ ھو بلڪل ئي دعا نہ ڪندو.

ياد رکو! جيکڏھن اوھان کنهن کي دعا جي لاءِ پرچي ڏني ۽ ان دعا نہ کئي تہ ھو گنهگار نہ ٿيندو چو تہ کنهن کي دعا جي لاءِ پرچي ڏيڻ سان ان تي دعا کرڻ واجب ناھي ٿي ويندو، البت جيکڏھن ھو دعا کري ڇڏي تہ ان جو احسان ھوندو. ان کي ائين سمجھو! جيکڏھن کنهن مون کي دعا جي لاءِ چيو تہ ھاڻي مان ان جي لاءِ ڄاڻي واڻي يا وساري کري دعا نہ کريان تہ شرعي طور مون تي کو گناھ نہ ٿيندو، البت جيکڏھن دعا کندس تہ منهنجي لاءِ آخرت جو فائدو ھوندو ڇاکاڻ تہ دعا بہ ھک عبادت بلک عبادت جو مغز آھي، جيئن حديث پاک ۾ آھي: ”اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ يعني دعا عبادت جو مغز آھي.“ (ترمذی، 243/5، حديث: 3382)

اي عاشقانِ رسول! جيکڏھن کو دعا جي لاءِ چوي تہ دعا کري ڇڏيو. کجھ اسلامي ڀائرن کي دعا جي لاءِ چئجي تہ جواب ملندو آھي: اسان ان لائق کٿي آھيون جو دعا کريون چو تہ اسان تہ گنهگار آھيون. حالانک ھک روايت ۾ آھي: ان وات سان دعا گُھر جنهن سان تو گناھ ناھي کيو. (يعني کو ٻيو تنهنجي لاءِ دعا کري). (مثنوی مولوی معنوی، دفتر سوم، 3/ 35 ) (فضائل دعا، ص111) ڏسو! انسان پنهنجي زبان سان مَعاذَ الله غيبت، چغلي، کوڙ، گاريون، دل آزاري وغيره جھڙا کيترائي گناھ کري ويهندو آھي پر ٻئي جي زبان ان جي حق ۾ پاک ھوندي آھي چو تہ ھن ٻئي جي زبان سان گناھ ناھي کيو ھوندو، ان کري جڏھن

ان پاڪ زبان سان ان جي حق ۾ دعا ڪئي ويندي تہ جلدي قبول ٿيندي.

جيڪي ماڻهو چوندا آهن تہ اسان ان لائق ڪٿي آهيون جو ٻين جي لاءِ دعا ڪريون چو تہ اسان گنهگار آهيون تہ انهن جي لاءِ عرض آهي تہ ملاقات ڪرڻ وقت اسان هڪٻئي کي سلام ڪندا آهيون ۽ سلام بہ هڪ دعا آهي. اهڙي طرح نماز ۾ سلام ورائڻ وقت "اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ الله يعني توهان تي سلامتي ۽ الله جي رحمت هجي." چوندا آهيون جيڪا دعا آهي. مُسْتَحَب هي آهي تہ نماز پڙهڻ وارو جڏهن ساڄي طرف سلام ورائي تہ ساڄي پاسي جي نمازين ۽ فرشتن کي ۽ جڏهن کاٻي پاسي سلام ورائي تہ کاٻي پاسي جي نمازين ۽ فرشتن کي سلام ڪرڻ جي نيت ڪري. غور ڪريو! جڏهن اسان نماز ۾ سلام ورائڻ وقت ملائڪن کي سلام ڪرڻ جي نيت سان سلامتيءَ جي دعا ڏيندا آهيون، حالانڪ ملائڪ معصوم آهن، تہ پوءِ اسان عام مسلمانن لاءِ دعا ڇو نٿا ڪري سگهون؟

## راهِ خدا ۾ مال ڏيڻ سان عمر وڌندي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شروعات ۾ ٻڌو تہ حضرتِ داؤد عليه السّلام جي زيارت لاءِ ايندڙ گهوٽ جڏهن واپسي تي هڪ فقير کي پنهنجي زڪوات ڏني ۽ ان جي دل کي خوش ڪيو تہ ان کيس وڏي عمر جي ۽ جنت ۾ حضرتِ داؤد عليه السّلام جو پاڙيسري بڻجڻ

جي دعا ڏني. الله پاڪ فقير جي دعا کي قبول فرمايو ۽ ائين جنهن گهوٽ جي عمر بلڪل ختم ٿيڻ واري هئي ۽ ان جي خوشين جا صرف ڇهه ڏينهن باقي رهجي ويا هئا، ان جي عمر ۾ 70 سالن جو اضافو ڪيو ويو ۽ وڌيڪ هي ته آخرت ۾ حضرتِ داؤد عليه السّلام جو پاڙو به عطا فرمايو ويو.

هن مان معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي راهه ۾ ڏيڻ سان عمر وڌندي آهي، پڻ ڪنهن غريب جي دل خوش ڪئي وڃي ۽ هو دعا ڪري ته ان جي دعا قبول ٿيندي آهي. هي به معلوم ٿيو ته ادب سان ڪنهن بزرگ جي زيارت ڪئي وڃي ته اهي خوش ٿيندا آهن جيئن سَيِّدُنا داؤد عليہ السّلام ان گهوٽ ڪان خوش ٿيا هئا تڏهن ته ان جي باقي ڇهن ڏينهن جي زندگي بابت بڌي رنجيده ٿيا هئا. هي به معلوم ٿيو ته سٺن ماڻهن سان محبت، انهن سان نسبت ۽ انهن جي صحبت ضرور رنگ لائيندي آهي ۽ دنيا ۽ آخرت جا فيضَ ۽ برڪتون ڏياريندي آهي، جيئن ته حضرت داؤد عليه السّلام سان محبت ڪرڻ واري گهوٽ کي انهن جي برڪت نصيب ٿي. قرآن پاڪ ۾ به سٺن جي صحبت اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جيئن ته سيپارو 11 سورت توبہ جي آيت نمبر 119 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! اللہ کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ ٿي وڃو.

ظاهر آهي هتي سچن مان مراد اهلُ اللہ يعني نيڪ ماڻهو آهن جيڪي اللہ پاڪ جي بارگاهه ۾ مقبول آهن. پڻ حديث پاڪ ۾ آهي: ”اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ“ يعني ماڻهو جنهن سان محبت ڪندو آهي (قيامت جي ڏينهن) انهيءَ سان گڏ هوندو. (بخاری، 147/4،حديث:6169)

## سُنّن جي سٺي تحريڪ

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي سنن ماڻهن جي هڪ سٺي تنظيم آهي ۽ جيڪو هن سٺي تنظيم ۾ ايندو آهي، الحمدللہ! پاڻ به سٺو بڻجي ويندو آهي ۽ ٻين کي به سٺو بڻائي ڇڏيندو آهي. افسوس! جيڪو هن ديني تنظيم ۾ اچڻ کان پوءِ واپس موٽي ويندو آهي ڪڏهن ڪڏهن هو ويچارو چڱائين کان محروم ٿيڻ لڳندو آهي، مثال طور نمازن ۾ سستي ڪرڻ لڳندو آهي، سنتن تي عمل ڪرڻ جي معاملي ۾ به سستي جو شڪار ٿي ويندو آهي، ان جي مٿي تان عمامو شريف لهي ويندو آهي ۽ مَعاذَ اللہ چهري تان ڏاڙهي به غائب ٿي ويندي آهي.

اَلحَمْدُللہ! دعوتِ اسلامي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت جو درس ڏيندي ۽ انهن جي دامنِ ڪرم سان وابسته ڪندي آهي. ياد رکو! چاهي دعوتِ اسلامي جي ڪنهن به سطح جي

ذميدار سان اوھان جي ناراضگي ٿي وڃي پر ھن پياري تحريڪ کي کنھن بہ صورت ۾ نہ ڇڏجو، بس پنھنجو ھي ذھن بڻائي ونو تہ دعوتِ اسلامي منھنجي تنظيم آھي، دنيا جي کا بہ طاقت مون کان ھيءَ پياري تنظيم ڇڏائي نٿي سگھي.

اَلحَمدُلله! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ حق وارن جي سڀ کان وڏي تنظيم آھي، اوھان حقيقي معنيٰ ۾ دعوتِ اسلامي وارا بڻجي رھو ۽ ان جي طريقي کار مطابق دين جي خدمت کندا رھو، جيکڏھن اوھان وٽ دعوتِ اسلامي جي ديني کمن جي کا ذميداري ناھي يا اوھان بيان کرڻ نٿا ڄاڻو يا اوھان عمامو شريف نٿا ٻڌي سگھو يا وار مبارک (زلفون) نٿا رکي سگھو تہ کا ڳالھہ ناھي، بس اوھان پنھنجي گھر ۾ فيضانِ سنت مان درس ڏيڻ شروع کري ڏيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون برکتون اوھان پاڻ ڏسي وٺندا. ترغيب جي طور تي ان سلسلي ۾ ھڪ مدني بهار پيشِ خدمت آھي، جيئن تہ

## گھر درس جي برکت

آکولہ (مھاراشٽر، ھند) جي ھڪ اسلامي ڀاءُ جو گھراڻو بدمذھبن سان تعلقات جي کري بدعمليءَ سان گڏ بدعقيدگي ڏانھن بہ وڌي رھيو ھو. ھڪ ڏينھن انھن جي گھر جا سڀئي فرد گڏجي ٽي وي (T.V) ڏسڻ ۾ مشغول ھئا تہ انھن جو سترھن (17) سالن جو ننڍو ڀاءُ جيکو دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ اچڻ وڃڻ لڳو ھو،

اهو ٿي وي ڏانهن پُٺي ڪري ابتو هلندو ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي ڪا شيءِ الماڙي مان ڪڍي ان ئي انداز ۾ واپس موٽيو. ان جي هيءَ عجيب و غريب حرڪت ڏسي اهي ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪرڻ لڳا: ڇا تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي جو اڄ هيءَ عجيب ٻارن واري حرڪت ڪري رهيو آهين! هن جوابي ڪارروائي ڪرڻ کان سواءِ ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو. انهن جي امڙ وضاحت ڪئي ته هن مون کي ٻڌايو هو ته مون قسم کنيو آهي ته آئنده ٽي وي ڏانهن ڏسندس به نه! انهن ڪاوڙ جي ڪري ننڍي ڀاءُ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪري ڇڏيو.

هن گهر ۾ سيني کي ڳنڍ ڪري فيضانِ سنت جو درس جاري ڪري ڏنو. هي ان ۾ نه ويهندا هئا، هڪ ڏينهن ويجهو ٿي ويهي رهيا ته ٻڌون ته سهي هي درس ۾ ڇا ٿو ٻڌائي، ٻڌائون ته تمام سنو لڳو، تنهنڪري روزانو گهر درس ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا. آهستي آهستي انهن جي دل جي ڪاراڻ ختم ٿيڻ لڳي، ايتري تائين جو دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ حاضري ڏيڻ لڳا. الحمد لله! عقل نڪاٽي آيو، بدمذهبن جي صحبت مان جان ڇٽي ۽ چهري تي ڏاڙهي سجايائون پڻ بدعقيده مُقرّر جون گمراهه ڪندڙ ڪيسٽون جيڪي شوق سان ٻڌندا هئا، هاڻي ان جي جاءِ تي مڪتبةُ المدينہ پاران جاري ڪيل سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ لڳا.

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر　　　اور اچھوں کے پاس آکے پا دینی ماحول
تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا　　　قریب آکے دیکھو ذرا دینی ماحول

(وسائلِ بخشش،ص646 )

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اوهان دعوتِ اسلامي جا بيا ديني ڪم نٿا ڪري سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ روزانو پنهنجي گهر ۾ فيضانِ سنت جي بابن ”پيٽ جو قفلِ مدينه، فيضانِ بسم الله، فيضانِ رمضان، غيبت جون تباه ڪاريون، نيڪي جي دعوت“ وغيره مان درس ڏيڻ شروع ڪري ڏيو. جيڪڏهن اوهان ڪي پڙهڻ نٿو اچي ته ڪا ڳالهه ناهي پنهنجي پائرن پينرن يا ماءُ پيءُ يا گهر جي ڪنهن ٻئي فرد کان درس ڏياريو. هي به ذهن ۾ رکو ته درس گهڻي دير تائين ڏيڻ ضروري ناهي بلڪ صرف ”بِسۡمِ الله“ جي ستن حرفن جي نسبت سان ست منٽ ڪافي آهن. جيڪڏهن فجر جي نماز کان پوءِ سڀ گهر وارا گڏ ٿي وجن ته ان وقت نه ته منجهند جو ماني کائڻ يا چانهه پيئڻ کان پوءِ گهر جي سيني فردن کي گڏ ڪري درس ڏيو. جيڪڏهن سڀ فرد درس ٻڌڻ لاءِ نه ويهن ته ڪا ڳالهه ناهي گهر جي ڪنهن هڪ فرد کي ٻڌائي ڇڏيو.

ڏسو! جيڪڏهن اوهان سنجيده هوندؤ ته گهر جي ڪنهن نه ڪنهن فرد کي اوهان تي ضرور رحم ايندو ۽ اهو اوهان جو درس ٻڌڻ لاءِ ويهي رهندو، ۽ جيڪڏهن اوهان ڪِل پوڳ ڪندا هوندؤ يا درس نه ٻڌندڙن کي جهڻڪيندا ۽ دڙڪا ڏيندا هوندؤ ته پوءِ شايد ئي ڪو اوهان

جو درس ٻڌڻ لاءِ تيار ٿئي بلڪ اھڙي صورت ۾ اوھان گناھگار بہ ٿي سگھو ٿا.

ياد رکو! اوھان جو درس ٻڌڻ گھر وارن تي فرض ۽ واجب ناھي لھٰذا ڪنھن جي دل آزاري ڪرڻ ڪانسواءِ بلڪل سنجيدگي سان درس ڏيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گھر وارن جون دليون نرم ٿي وينديون، خاص طور تي ماءُ پاڻ بہ درس ٻڌندي ۽ گھر جي ٻين فردن کي بہ گڏ ڪري ويندي چوتہ ھوءَ پوري گھر جي مالڪياڻي ھوندي آھي تہ ائين اوھان جو گھر درس سٺي نموني جاري ٿي ويندو.

”نيڪ اعمال“ جي رسالي ۾ بہ گھر درس جي ترغيب ڏياري وئي آھي پر ان جي باوجود اسلامي ڀائر ان حوالي سان سستي جو شڪار ٿي ويندا آھن. جيڪي اسلامي ڀائر گھر درس ۾ سستي ڪندا آھن انھن کي عام طور تي گھر وارن پاران قافلن ۾ سفر جي اجازت بہ ناھي ملندي. جيڪڏھن اوھان گھر درس شروع ڪري ڏيندؤ تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گھر وارا اوھان مان مطمئن ٿي ويندا ۽ اوھان جي لاءِ قافلن ۾ سفر جون راھون کوليون وينديون.

## دُعاءِ عطار

اي الله! جيڪي اسلامي ڀائر يا اسلامي ڀينرون گھر درس ڏيندا آھن انھن سڀني کي ۽ مون کي جنتُ الفردوس ۾ پنھنجي پياري

حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عطا فرماءِ. پڻ رهندي دنيا تائين جيڪو جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهندي گهر درس ڏيندو رهي ان جي حق ۾ بہ منهنجي هيءَ دعا قبول فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ رسول! گهر درس شروع ڪرڻ جو اهو مطلب ناهي تہ اوهان دعوتِ اسلامي جا ٻيا ديني ڪم ڇڏي ڏيو بلڪ انهن کي بہ جاري رکو ڇو تہ هر ديني ڪم جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي. ڏسو! جيڪڏهن اوهان قافلن ۾ سفر ڪندا رهندؤ تہ ان سان اوهان ۾ گهر درس جو جذبو وڌندو، جيڪڏهن اوهان ”نيڪ اعمال“ جو رسالو ڀريندا رهندؤ تہ اوهان ۾ تقويٰ پيدا ٿيندي، جيڪڏهن اوهان علائقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شريڪ ٿيندا رهندؤ يا مسجد درس يا چوڪ درس ڏيندا رهندؤ تہ ان جي برڪت سان اوهان جي علائقي ۾ نيڪي جي دعوت عام ٿيندي ان ڪري گهر درس سان گڏ دعوتِ اسلامي جا ٻيا ديني ڪم بہ جاري رکو ۽ انهن کي وڌائيندا رهو.

## والدين جو ادب ڪريو

گهر درس ۽ دعوتِ اسلامي جا ٻيا ديني ڪم ڪرڻ سان گڏ والدين جو خوب ادب ڪيو، انهن جا هٿ پير چُمو، خاص ڪري امڙ جا پير چُمو جو هڪ روايت ۾ آهي: جنهن پنهنجي امڙ جو پير چُميو تہ ائين آهي جڻ تہ هُن جَنَّت جي چائنٺ کي چُمي ڏني. (درمختار، 606/9) ائين

ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!والدين جي اوهان سان محبت وڌيڪ وڌندي، انهن ۾ اطمينان جي ڪيفيت پيدا ٿيندي ۽ انهن جو اهو ذهن بڻجندو ته اسان جو پٽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ سٺي جاءِ تي وڃي رهيو آهي چو ته اڳي ته هو اسان کي چڙٻون ڏئي جواب ڏيندو هو ۽ صحيح انداز سان ڳالهائيندو به نه هو پر هاڻي ماشاءَ الله نگاهون هيٺ ڪري سلام ڪندي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ اسان جا هٿ پير به چُمي وٺندو آهي. ڏسو! جڏهن ماءُ پيءُ اوهان مان مطمئن هوندا ته پاڻ چوندا: پٽ! قافلن ۾ سفر ڪندو ڪر، پٽ! گهر درس ٿورو وڌيڪ وڌائي ڇڏ ۽ روزانو بغير ڪنهن وقفي جي درس ڏئي اسان کي الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون ڳالهيون ٻڌائيندو ڪر وغيره.

## وڏي ڄمارَ ماڻڻ جي خواهش

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شروعات ۾ حضرتِ داؤد عليه السّلام جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندڙ هڪ گهوٽ جو واقعو ٻڌو ته زڪوات ڏيڻ جي برڪت سان ان جي عمر ڇهن ڏينهن مان وڌائي سٺ سال ڪئي وئي ۽ ان ۾ وڌيڪ ڏهن سالن جو اضافو به ڪيو ويو. اڄڪلهه به ڪيترائي ماڻهو وڏي عمر ماڻڻ جي لاءِ سڪندا آهن ۽ ان جي لاءِ خوب احتياط ڪندا آهن. ائين لڳي ٿو ته هتي مرڻ جي لاءِ ڪو تيار ناهي ايتري تائين جو 100 سالن جو پوڙهو به وڌيڪ جيئڻ جي

خواهش رکي وينو آهي. ڪيترائي پوڙها دعاءِ مغفرت ڪرائڻ جي بدران تنگدستي دور ٿيڻ ۽ روزي ۾ برڪت جون دعائون ڪرائيندا آهن، اهڙي طرح سرمايه دار حضرات به روزي ۾ برڪت جي لاءِ دعا ڪرائيندا آهن حالانڪه الله پاڪ کين ڪافي مال و دولت سان نوازيو هوندو آهي پر اهي اهڙيون دعائون ڪرائيندي نظر ايندا آهن ته "اسان جو فلاڻو پروجيڪٽ پورو ٿي وڃي، اسان فلاڻي عمارت جي تعمير شروع ڪئي آهي اها مڪمل ٿي وڃي، اسان جي گهر جو ڪم رکيل آهي اهو پورو ٿي وڃي وغيره وغيره." اهڙن کي سوچڻ گهرجي ته گهر ٽٽندو ڦٽندو ۽ ٻڄندو رهندو جڏهن ته گهر وارو قبر ۾ لهي ويندو تنهنڪري جنت جي محلن جي تلاش ۾ رهڻ گهرجي.

ڏسو! دنيا ۾ متي لڪائڻ جي جاءِ آخر ملي ئي ويندي آهي پر جيڪڏهن اسان وٽ ڪرائي جو گهر هجي ته اسان جي خواهش ۽ دعا هوندي آهي ته اسان کي مالڪاڻا حق ملي وڃن، جيڪڏهن ننڍو گهر هجي ته اسان وڏي گهر جي تمنا ۽ خواهش رکندا آهيون ته ائين اسان دنيا جي پلاٽن ۽ گهرن جي لاءِ پريشان رهندا ۽ خوب دعائون ڪرائيندا آهيون. اي ڪاش! جنت جي عاليشان محلن ڏانهن به اسان جو رخ ٿي وڃي، اي ڪاش! پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي جنت جو ڪو حصو نصيب ٿي وڃي.

باغِ جنّت میں محمد مسکراتے جائیں گے
پھول رحمت کے جھڑیں گے ہم اُٹھاتے جائیں گے

## ويجهي رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ جي برڪت

اي عاشقانِ رسول! نيڪيون گهٽيون ڪرڻ جي نيت سان وڏي عمر جي تمنا ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، وڏي عمر ماڻڻ جو هڪ نسخو هي به آهي ته قريبي رشتيدارن سان سٺو سلوڪ اختيار ڪيو وڃي، جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي: ”ويجهي رشتيدارن سان سٺو سلوڪ، مال ڪي تمام گهڻو وڌائڻ وارو، پاڻ ۾ تمام گهڻي محبت ڏيارڻ وارو ۽ عمر کي وڌائڻ وارو آهي. (معجم اوسط، 11/6،حديث:7810)

هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو ته رشتيدارن سان سٺو سلوڪ اختيار ڪرڻ سان روزي ۾ برڪت ٿيندي آهي، پاڻ ۾ محبت قائم ٿيندي آهي ۽ عمر وڌندي آهي ان ڪري جيڪڏهن اوهان جو ڪنهن سان رشتو ٽٽي ويو هجي ته ٻيهر بحال ڪري ونو.

بدقسمتي سان اڄڪلهه جهٽ پٽ ۾ قريبي رشتا ٽٽي ويندا آهن! جيڪڏهن اوهان جي ماءُ ۽ ماسي جي وچ ۾ جهيڙي جو سلسلو هجي ته ان جو اهو مطلب ناهي ته اوهان به پنهنجي ماسي سان وڙهي پئو، انهن جي غيبت ڪريو، انهن جا خراب نالا رکو بلڪ اوهان پنهنجي ماسي سان رشتو ڳنڍي ونو ۽ جيڪڏهن ان ڳالهه جو خوف هجي ته

امڙ کي خبر پوندي ته گهر جو ماحول خراب ٿي ويندو ته امڙ کان لڪي رشتو ڳنڍيو. ڏسو! اوهان جي ماءُ ۽ ماسي پاڻ ۾ ڀينرون آهن، الله پاڪ چاهيندو ته ٻنهي ۾ صلح ٿي ويندي پر اوهان کي اهو حق نٿو پهچي ته ماسي کي برو چئو. ياد رکو! ماسي اوهان جي خوني رشتيدار ۽ محارم مان آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن اوهان جي امڙ ۽ ناني جان جي پاڻ ۾ ناراضگي ٿي پوي ته اوهان پنهنجي ناني جان سان هرگز تعلقات ختم نه ڪريو. ائين ئي جيڪڏهن طلاق جي ڪري ماءُ پيءُ ۾ جدائي ٿي وڃي ۽ ماءُ اولاد کي چوي ته پنهنجي والد سان ملاقات جي لاءِ نه ويندا ڪريو تڏهن به اولاد کي ملاقات جي لاءِ وڃڻو پوندو. جيتوڻيڪ طلاق کان پوءِ عورت پنهنجي مڙس جي زوجيت مان نڪري ويندي آهي پر اولاد جو پنهنجي والد سان رشتو قائم رهندو آهي، اهوئي سبب آهي ته ماءُ پيءُ ۾ طلاق ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن پيءُ دنيا مان رخصت ٿئي تڏهن به اولاد کي ان جي وراثت مان حصو ملندو آهي.

معلوم ٿيو ماءُ پيءُ ۾ طلاق ٿيڻ کان پوءِ به پيءُ جا حق پنهنجي اولاد تي باقي رهندا آهن، اهڙي صورت ۾ ماءُ اولاد کي لک ڀيرا چوي ته پنهنجي پيءُ سان رشتو ٽوڙي ڇڏيو تڏهن به اولاد کي پنهنجي پيءُ سان گڏ حسنِ سلوڪ سان پيش اچڻو پوندو، جيڪڏهن ماءُ جي چوڻ تي اولاد پنهنجي پيءُ سان ملڻ جلڻ ڇڏي ڏيندو ۽ ان کان دوري اختيار ڪري ان کي تڙپائيندو ته ائين ڪرڻ ويچاري پيءُ تي ظلم هوندو ۽

اولاد گناھگار ٿيندو. اولاد جي پنھنجي والد سان ميل ملاقات جي سبب جيڪڏھن ماءُ ناراض ٿئي ۽ کيس ڪا تڪليف پھچي، تہ اھا اولاد پاران پنھنجي والده ڪي ايذاءُ (تڪليف) پھچائڻ نہ چئبي، بلڪ اھا ماءُ جي پنھنجي طرفان پاڻ کي تڪليف پھچائڻ شمار ٿيندي. ياد رکو! ماءُ پيءُ شريعت جي دائري ۾ رھندي اولاد کي جيڪو بہ حڪم ڏين اولاد ان کي مڃي ۽ ان جي پيروي ڪري ۽ جيڪڏھن شريعت جي خلاف حڪم ڏين تہ اولاد ان کي تسليم نہ ڪري.

## اڳرائي ڪري رشتو ڳنڍيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏھن توھان، خدا نہ ڪري، بغير ڪنھن شرعي اجازت جي پنھنجي ماءُ پيءُ، پٽ ڌيءَ، ڀاءُ ڀيڻ، ماسي ماسڙ، مامي، ناني ناني، ڏاڏي ڏاڏي، پوٽي پوٽي، ڏوھٽي ڏوھٽي يا ٻين مٽن مائٽن سان تعلقات ختم ڪري (رشتو ٽوڙي) ڇڏيو آھي، تہ پوءِ اڳيرائي ڪري انھن سان رشتو ٻيھر ڳنڍي وٺو. جيڪڏھن ڪنھن ديني عذر جي ڪري رشتو ٽوڙيو اٿوَ مثال طور پيءُ ڪافر آھي تہ ان حوالي سان عالمن سڳورن سان مشورو ڪري وٺو. ياد رکو! ڪافر پيءُ سان بہ شريعت جي دائري ۾ رھندي حسنِ سلوڪ سان پيش اچڻو پوندو ۽ ان جو حڪم مڃڻو پوندو البت جن معاملن ۾ شريعت حڪم مڃڻ کان منع ڪيو ھجي انھن ۾ ان جو حڪم نہ مڃيو ويندو مثال طور جيڪڏھن پيءُ ڪافر ھجڻ سان گڏ انڌو بہ آھي ۽ اولاد کي چوي ٿو تہ مون کي گرجا گھر ڇڏي اچو تہ ھاڻي ان جي فرمانبرداري نہ

ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن چوي ٿو تہ گِرجا گهر کان پنهنجي گهر وٺي هلو تہ هاڻي ان جي اطاعت ڪرڻي پوندي. (تفسير روح البيان، پ20، العنکبوت، تحت الآية: 8، 6 /450ملخصاً)

جن ماڻهن جا ماءُ پيءُ مَعاذَ الله ڪافر آهن انهن کي عالمن سڳورن کان پڇي وٺڻ گهرجي تہ ڪافر ماءُ پيءُ سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻو آهي؟ ان سان گڏوگڏ قافلن ۾ بہ سفر ڪندو رهڻ گهرجي تہ ان جي برڪت سان علمِ دين سکڻ جو جذبو ملندو آهي ۽ ديني ڪتابن کي پڙهڻ ۽ عالمن سڳورن سان رابطو رکڻ جو ذهن ٺهجندو آهي. ياد رهي! ائين ناهي تہ اوهان پوري جو پورو اسلام صرف ٽن ڏينهن جي قافلي ۾ سکي ويندؤ البت ڪجھ نہ ڪجھ علمِ دين سکڻ جو موقعو ضرور ملندو ۽ ديني ڪتابن جي مطالعي جو شوق وڌندو.

## صلهٔ رحمي جي برڪت

اي عاشقانِ رسول! رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي! حديث پاڪ ۾ آهي: بيشڪ تمام نيڪين ۾ سڀ کان تڪڙو ثواب صِله رحميءَ جو آهي، ايتري قدر جو جيڪڏهن گهر وارا فاسق بہ هجن، تڏهن بہ سندن مال ۾ واڌارو ٿئي ٿو ۽ سندن تعداد وڌي ٿو، بشرطيڪ هو پاڻ ۾ صِله رحمي ڪن. (معجم اوسط، 306/1،حديث:1092)

مثال طور! جيڪڏهن مَعاذَ الله والدين يا پيئرون پائر يا ٻار ٻچا بي نمازي هجن يا فلمون ڊراما ڏسندا هجن يا بي پردگيون ڪندا هجن يا

گانا باجا ٻڌندا هجن يا ڏاڙهي ڪترائيندا هجن يعني فاسق هجن تڏهن به انهن سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچڻو پوندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جتي دنيا ۾ صلهءِ رحمي جا سنا ڦلَ ملندا آهن جيئن ته عمر وڏي ٿي وڃڻ، مال ۾ برڪت هجڻ وغيره اتي آخرت ۾ به اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جو خوب ثواب هٿ ايندو.

## صلهءِ رحمي ڪرڻ سان محتاجي دور ٿيندي آهي

صلهءِ رحمي جي برڪتن مان هڪ برڪت اها به آهي ته ان سان محتاجي دور ٿيندي آهي جيئن حديث پاڪ ۾ آهي: ڪي به اهڙا گهر وارا ناهن، جيڪي پاڻ ۾ صله رحمي ڪن ۽ پوءِ محتاج ٿي وڃن. (ابن حبّان، 333/1،حديث:441)

جيسين گهر وارن ۾ محبت جي فضا قائم رهندي تنگدستي انهن جي ويجهو نه ايندي. اڄ هر ڪو بيروزگاري ۽ تنگدستي جي شڪايت ڪندي نظر اچي ٿو، پر اهو نٿو ڏسي ته گهر وارن ۾ محبت ناهي، پاڻ ۾ جهيڙا ۽ نااتفاقيون آهن، آئي ڏينهن والدين جي وچ ۾ تڪرار ٿيندا رهن ٿا، ڀائرن ۽ ڀينرن جي پاڻ ۾ نٿي نهي وغيره وغيره. جڏهن صورتحال اهڙي هوندي ته پوءِ محتاجي ڪيئن ختم ٿيندي؟ اَلميو هي آهي ته جيڪڏهن ڪاروبار ٺپ ٿي وڃي ته عام طور تي ماڻهو اهو ئي سمجهندا آهن ته ڪنهن جادو ڪرائي ڇڏيو آهي ۽ پوءِ عاملن وٽ ويندا آهن ته عامل حضرات فوراً چئي ڏيندا آهن ته اثرات يا بندش آهي. اهڙي

طرح جيڪڏھن گھر ۾ جھڳڙو يا ڀار بيمار ٿي پوي تہ گمان ڪيو ويندو آھي تہ ڪنھن ويجھي رشتيدار جادو ڪرائي ڇڏيو آھي بلڪ ڪي بيوقوف تہ ايتري قدر چوندي ٻڌا ويندا آھن تہ، منھنجي پيءُ مون تي جادو ڪرايو آھي“ ۽ ڪڏھن ورڻي پيءُ ائين چئي رھيو ھوندو آھي تہ ”پٽ مون تي جادو ڪرايو آھي. ياد رکو! سڀ ماڻھو جادوگر ناھن ھوندا، الحمدللہ! معاشري ۾ خوفِ خدا رکندڙ ماڻھو بہ موجود آھن.

## شيطان گھر ۾ داخل نہ ٿيندو

ڏسو! صرف جادو ئي پريشانين جو سبب ناھي ھوندو اسان جي ڪوتاھين جي ڪري بہ پريشانيون ۽ مشڪلاتون اينديون آھن مثال طور حديث پاڪ ۾ آھي: جڏھن توھان پنھنجي گھر ۾ داخل ٿيو تہ گھر وارن کي سلام ڪيو بيشڪ جڏھن توھان مان ڪو گھر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪندو آھي تہ شيطان ان گھر ۾ داخل ناھي ٿيندو. (مستدرک، 166/3، حديث: 3567 مفہومًا) لھٰذا بِسۡمِ اللہ پڙھي گھر وارن کي سلام ڪندي گھر ۾ داخل ٿيو تہ جيئن شيطان داخل نہ ٿي سگھي. اھڙي طرح خراب جڳھن ۽ استنجا خانن ۾ بہ خبيث جنات رھندا آھن تہ انھن کان بچڻ جي لاءِ اسان کي ھيءَ دعا سيکاري وئي آھي: ”بِسۡمِ اللہِ اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡ اَعُوۡذُبِکَ مِنَ الۡخُبُثِ وَالۡخَبَائِثِ يعني اللہ جي نالي سان، اي اللہ! مان ناپاڪي ۽ شيطانن کان تنھنجي پناھ گھران ٿو.“ (مصنف ابن ابی شیبہ، 148/7، حديث:5) لھٰذا استنجا

خاني (يعني واش روم) ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي وٺو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! شرير جنن کان حفاظت ٿيندي.

اڄڪلهه ماڻهن طرح طرح جا شعر ۽ پورا پورا مضمون ياد ڪري رکيا هوندا آهن، پڻ ڪنهن ايم بي اي (M.B.A) ڪيو هوندو آهي تہ ڪنهن ايم بي بي اي(M.B.B.S) ، ڪو ايڊووڪيٽ هوندو آهي تہ ڪو بيو ڪجهہ، پر افسوس! گهڻن کي واش روم وڃڻ جي دعا ياد ناهي هوندي، جيڪڏهن ڪنهن کي ياد هوندي آهي تہ درست طريقي سان ياد ناهي هوندي ۽ درست ڪرائڻ جي لاءِ ڪنهن عالم يا قاري صاحب کي ٻڌائڻ جي توفيق ناهي ملندي.

جيڪڏهن اوهان واش روم ويندي هيءَ دعا نہ پڙهندؤ تہ اندر موجود جنات اوهان کي پريشاني ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا ۽ پوءِ اوهان علاج جي لاءِ عاملن وٽ چڪر لڳائيندا رهندؤ ۽ ڪڏهن عامل کي بہ خبر نہ پوندي آهي تہ هي جن چنبڙيو ڪٿان آهي؟ جيڪڏهن اوهان دعا پڙهي واش روم ويندؤ تہ جنات کان اوهان جي حفاظت ٿيندي بلڪ جنات سَتر بہ نہ ڏسي سگهندا ڇو تہ دعا جي شروعات ۾ ”بِسْمِ اللّٰه“ جا لفظ آهن ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ اهڙا مضمون موجود آهن تہ جيڪڏهن بِسْمِ اللّٰه پڙهي ستر کوليندؤ تہ سرڪش جنات ستر نہ ڏسي سگهندا.

(ترمذی، 113/2،حديث:606ملخصاً)

## پنهنجي ڪئي جو ڪو به علاج ناهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪو شخص دعا پڙهڻ کانسواءِ بيت الخلا (واش روم) وڃي ۽ اهو چاهي ته شرير جنن جي شرارتن کان پڻ محفوظ رهي ته ڀهاڪو آهي: ”خود کرده را علاجي نيست يعني پنهنجي هٿان مصيبت ۾ ڦاٿلن جو ڪو علاج ناهي.“ ان کي ائين سمجهو ته جيڪڏهن ڪو زور زور سان پنهنجو مٿو پٿ ۾ هڻندو رهي ۽ اهو به چاهي ته مٿو نه ڦاٽي ته ائين نٿو ٿي سگهي بلڪ پٿ ۾ مٿو هڻڻ سان مٿو به ڦاٽندو ۽ ٽاڪا به لڳندا ۽ جيڪڏهن مٿو زور سان پٿ ۾ هڻندو ته مغز به نڪرندو ۽ جان به ويندي.

## ڪا به بيماري لاعلاج ناهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيشڪ الله پاڪ چاهيندو آهي ته پوءِ ئي تعويذ ۽ عمليات اثر ڪندا آهن نه ته ناهن ڪندا. اهڙي طرح دوا ۾ به پاڻمرادو ڪو اثر ناهي هوندو الله پاڪ چاهي تو ته شفا ملي ٿي نه ته نٿي ملي. اڄڪلهه ڊاڪٽر حضرات علاج ڪري ڪري مريض جو دم ڪڍي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ آخر ۾ چوندا آهن ته هن مرض جو ڪو علاج ناهي حالانڪ احاديثِ مبارڪ ۾ اهڙا مضمون موجود آهن ته ”الله پاڪ اهڙي ڪا بيماري ناهي نازل ڪئي جنهن سان گڏ ان جو علاج نازل نه ڪيو هجي.“ (بخاری، 16/4،حديث:5678)

جنهن طرح ڪجهه ڊاڪٽر هي چوندي ٻڌا ويندا آهن ته فلاڻي مرض جو ڪو علاج ناهي اهڙي طرح ڪجهه ماڻهن ڪي جڏهن ڪا ديني ڳالهه ٻڌائي وڃي ته چوندا آهن: ”صاحب! اهڙو ته ڪنهن حديث ۾ ناهي.“ اهڙن جي لاءِ عرض آهي ته ڇا سڀ حديثون انهن جي نظر مان گذريون آهن؟ يقيناً نه، تنهنڪري انهن ڪي هن طرح چوڻ گهرجي ته اهڙي ڪا حديث اسان جي نظر مان ناهي گذري. اهڙي طرح ڊاڪٽرن ڪي به اهو ئي چوڻ گهرجي ته ”اسان وٽ فلاڻي مرض جو علاج ناهي يا اجا تائين ڊاڪٽرن ڪي فلاڻي مرض جو علاج ناهي ملي سگهيو“ ائين هرگز نه چون ته فلاڻي مرض جو علاج ئي ناهي.

اي عاشقانِ رسول! اسان ڪي پنهنجي رشتيدارن سان صلهءِ رحمي ۽ نيڪ سلوڪ سان پيش اچڻ گهرجي ته ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان ڪي گهڻا فائدا حاصل ٿيندا. ترغيب جي لاءِ ڪجهه مبارڪ حديثون پيشِ خدمت آهن:

## صلهءِ رحمي

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”صلهءِ رحمي، خوش اخلاقي ۽ پاڙيسرين سان نيڪ سلوڪ، شهرن ڪي آباد ۽ عمرن ڪي وڌائيندا آهن. (مسند امام احمد ، 9/504،حديث:25314)

## بُري موت ۽ آفتن کان نجات

سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: نيڪيءَ جا ڪم بچڙي موت، آفتن ۽ هلاڪتن کان بچائيندا آهن ۽ دنيا ۾ احسان وارا، آخرت ۾ به احسان وارا هوندا. (جامع الاحاديث، 86/6،حديث:13564)

## سڀ کان پهريان جنت ۾ ويندڙ

مديني جي تاجدار، بنهي جهانن جي مختار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڀلائين جا ڪم بُري موت کان بچائيندا آهن، پوشيده خيرات (يعني لڪي خيرات ڏيڻ) رب جو غضب وسائيندي آهي، رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ عمر ۾ برڪت (جو ذريعو) آهي، هر نيڪ سلوڪ صدقو آهي، جيڪي دنيا ۾ احسان ڪرڻ وارا آهن اهي ئي آخرت ۾ احسان ماڻيندا، جيڪي دنيا ۾ بُرائي ڪرڻ وارا آهن اهي ئي آخرت ۾ بُرائي ڏسندا ۽ سڀ کان پهريان جيڪي جنت ۾ ويندا اهي سٺو ورتاءُ ڪرڻ وارا آهن. (معجم اوسط، 311/4،حديث:6086)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! صلهءِ رحمي، خوش اخلاقي ۽ پاڙيسرين سان نيڪ سلوڪ اختيار ڪرڻ جو ذهن بڻجندو..

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد